ڪجھ وقت دوست سان ڪتابن تي بحث ٿيندو رهيو. پر جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو ٿي ويو تيئن تيئن ماڻهو آرام ٿيندو ٿي ويس. چت جا پترا خبر ناهي چو ڪٿي مهمان نوازي نہ سکيا هئا.

شام جو ٽڪريءَ تي ٿڌي هوا کائڻ جو پروگرام بڻيو. ڪافي رستو طئہ ڪرڻ کانپوءِ اسين لنگهي رهيا هئاسون جو هڪ پوليس واري کي ٽڪڙو ٽڪڙو پر سخت پريشانيءَ ۾ چپ چپ ويندو ڏٺم. هليو ٿي هين ٿي چڻ پيرن سان زمين کي ڇهڻ بہ نٿي چاهيائين. متان آواز نہ ٿئي. دوست جي ڪن ۾ چيم، ”آهي پوليس وارو، پر چال چوراٽي...“ دوست ڳالھ پوري ڪرڻ نہ ڏني ۽ ٿمجي بيهي رهيو. اما سري رام چئي بدن ڏکايو. مونکان ڇرڪ نڪري ويو ڇو جو ڏينهن ڏٺي جو انسان جي نڪ سامهون پل جي هڪ پاسي وٺ کي خبيث هڪ جوان جي پيٽ ۾ ڇرو گهمائي ويا هئا. جوان جا آنڊا نڪري اچي ٻاهر پيا هئا. خون ۾ لٿ پٿ، ڦٿڪي رهيو هو ۽ خلق پري کان سيسراٽ پري رهي هئي

مون ٽڪڙ ۾ قدم وڌائيندي چيو، ”آنڊا جلدي اندر وجهي ڇڏجن تہ شايد بچي...“ مگر پنيان بنهي ڪلهن تي چڻ رڪ جا چنبا اچي پيا. دوست ۽ ماڻس هڪ ئي وقت چيو، ”ڪلياڻ ڪئمپ آهي، راھ گناهہ ڪ ٿيڻو اٿئي ڇا؟“ مونکي ٿي هين لڳو، هتي خون ٿيل پراڻي وچرندڙ مرض ڪانہ پيانڪ چيز آهي بہ ن هتن هوندي بہ ڪجھ نہ ڪري سگهڻ جي پيڙا کان وياڪل ٿي چيم، ”چوندا آهن، مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو ٿيندو آهي“

دوست جي اهڙي درد ڀري مرڪ ۽ چيائين، ”ڪئمپ جا شرنار ٿي سنڌي، اڳين پهاڪن کي خون سان ڌوئي نئون رنگ پيا ڏين“

”ڇا مطلب“

ان مهل ڪيترائي پوليس وارا اچي پهتا. خون ٿيل جي جان تڙڦي تڙڦي زمين تي ليٽي چڪي هئي. پوليس فوتيءَ کي کڻي ويئي. ڪن پل ۾ کيل ٿي گذريو.

دوست ڏکو ساھ کڻي چيو، ”بس پيلو ٿي وئين؟ اها هتي جي روزمره جي ڳالھ آهي“

منهنجو دم گهٽجڻ لڳو. ”بس پوءِ نڪو داد نڪو فرياد“

”داد ڪنهنجو؟فرياد ڪير ڪري. ڪنهن لڏيلاڻ وقت ٻڌو؟ ننڍڙڪا گهوڙا.. ڪهڙو پهاڪو ڏيندي آهين، اما؟“

”غيباڻا هسوار.“ اما پهاڪا تہ پورو ڪيو پر گهٽجي گهٽجي، ڪنهن چيندڙ سور کي پيئندي پيئندي. مونکي ملئين لڳو جڻ ساري سنڌونگري، ننڍڙڪي ٻڌجي سامهون بيٺي هئي

اسين ٽڪيءَ جي ترهٽيءَ وٽ پهچي چڪا هئاسين. چوگرد ڦهليل ويران ماٿري سڄيءَ ڪئمپ کي جڻ گود ۾ کڻي ويٺي هئي. ڪئمپ جي ڪن ڪن گهرن ۾ ٻتيون ٽمڪڻ لڳيون. اسين ٽيئي جڻا ٽڪريءَ تي مٿي چڙهي وياسين ۽ چپ چاپ ويهي رهياسين. ڪيتري وقت کان پوءِ جاڻ ٿي تہ هيترو وقت اسين ٽيئي ماٺ ٿي ويا هئاسين. هاڻي سامهون وارين ٻئرڪن ۾ الاهي ٻتيون ٽمڪي رهيون هيون. مون ماٺ کي ٽوڙيندي چيو، ”دوست، اڄ هن سامهون واريءَ ستارن جيءَ ٻيٽاريءَ لاءِ ڏاڍو ڏک پيو ٿئي...“

”ڏک تہ ٿيندوئي.“ دوست جي اهلئي پر درد کل سڄي ڪوڙي. ملئين ئي پٿر ڪٽي ستارن جيءَ ٻيٽاريءَ ڏانهن اڇليلئين.

الئجي چو منهنجين اکين مان ڳوڙها ڳري پيا ۽ سامهون ماٿريءَ ۾ چمڪي رهيا هئا__ خبر ناهي، ڪيترنئي ورهاڱي جي ڪري وڇڙيلن جا ڳوڙها، ستارا ٻڻجي ننڍڙڪي ننگريءَ جيءَ ٻئرڪن جي روشني لاءِ!

(نئين دنيا - 1961ع تان)